هائير ايڊيوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل

جلد: ڇهويهون - شمارو: پهريون
جون ۲۰۲۳ع

# ڪلاچي

## تحقيقي جرنل

ISSN Print: 2219-5912
ISSN Online: 2521-9340

**ايڊيٽر**

**پروفيسر ڊاڪٽر ناهيد پروين**

هائير ايڊيوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل

# ڪلاچي

## تحقيقي جرنل


| | |
|---|---|
| ايڊيٽر | : پروفيسر ڊاڪٽر ناهيد پروين |
| ٻانهن ٻيلي | : حبيب الله جاکرو<br>سڪندر علي ٻنڊ<br>محمد رياض بلوچ |
| شمارو | : پهريون، جون |
| سال | : ۲۰۲۳ع |
| ڇپائيندڙ | : شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي. |
| مُلهه | : پاڪستان: ۳۰۰ رُپيا<br>پرڏيهه: ۱۰ آمريڪي ڊالر |

ISSN Print: **2219-5912**
ISSN Online: **2521-9340**

U.R.L.: **www.krjsalbc.org.pk**
**www.salbc.org.pk**


E-mail : **krj.salbc@gmail.com**
**salbc.ku@hotmail.com**

# پھ اکر

ڪلاچي تحقيقي جرنل پنهنجي اشاعت جا پنجويھ سال مڪمل ڪري ورتا آهن. اهڙيءَ ريت ڊسمبر ٢٠٢٣ع جي شماري ڪي سلور جوبلي شمارو ڪوٺي سگهجي ٿو. ڪلاچي ڇهويهين سال ۾ پير پاتو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ڪوبہ اهڙو تحقيقي جرنل ناهي، جنهن لڳاتار پنجويھ سال مڪمل ڪيا هجن. شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ چيئر انهي لحاظ کان سنڌي تحقيقي جرنلن جي ڏس ۾ هڪ اهم ڪاميابي ماڻي آهي. جرنل جي بنيادي خوبي اها آهي تہ اهو باقاعدگيءَ سان ۽ وقت سر اشاعتي مرحلا طئي ڪري رهيو آهي. هاڻي ڪتابي اشاعت جو سلسلو هلندڙ ناهي، پر آن لائن طريقي سان جيڪو جديد گهرجن جو متقاضي آهي، تنهن کي پڻ پورو ڪري رهيو آهي.

اُميد آهي تہ ايندڙ يعني ڊسمبر ٢٠٢٣ع جو شمارو ڪتابي صورت ۾ بہ شايع ڪرايو ويندو، تہ جيئن انهن عالمن، اديبن ۽ پڙهندڙن تائين پهچي سگهي جن وٽ آن لائين پڙهڻ جي سهولت ڪانهي.

ڪلاچي ۾ شايع ٿيندڙ/شامل ٿيندڙ هر مقالو ملڪ جي مڃيل عالمن ۽ واسطيدار صنف جي ماهرن کي طور تڪ لاءِ اماڻيو ويندو آهي. ماهرن کي اهو اختيار حاصل هوندو آهي تہ هو مقالي ۾ گهربل تصحيح يا درستيون ڪن، جيڪڏهن ڪين مقالي ۾ موضوع، مواد ۽ ڪوجنا جي معيار جي حوالي سان ڪا ڪوٽ محسوس ٿيندي آهي، تہ ان بابت لکي موڪليندا آهن، جنهن بابت مقالي نگار کي ڄاڻ ڏيئي گهربل ترتيب، واڌاري ۽ سڌاري لاءِ چيو ويندو آهي.

گهڻا ئي مقالي نگار اُن کي پنهنجي بيعزتي سمجهندا آهن پر ڪين اها ڄاڻ نہ هوندي آهي تہ جنهن ماهر اُهي رٿون/ گهربل واڌارن ۽ سڌارن جي ڳالھ ڪئي آهي، سو ڪانئن علم، قابليت، تجربي ۽ ڄاڻ ۾ گهڻو مٿانهون هوندو آهي. جوڳي موٽ نہ ملڻ جي صورت ۾ ڪيترائي مقالا رد ٿيندا آهن ۽ ڇپجڻ کان رهجي ويندا آهن. جيڪي مقالي نگار انهن صلاحن ۽ هدايتن تي عمل ڪندا آهن تن جي مقالن ۾ بهتري سان

# فهرست

## ڀاڱو سنڌي

### (لطيفيات)


| | | | |
|---|---|---|---|
| ١. | شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جا وجودي سوال | ڊاڪٽر غفور ميمڻ | ٠٩ |
| ٢. | شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ تصوف ۽ وحدت الوجود جو تصور | ڊاڪٽر ريحانہ نذير | ١٩ |


### (ادب)


| | | | |
|---|---|---|---|
| ٣. | سلطان الاولياءَ خواجا محمد زمان ۽ ’ابيات سنڌي‘ | ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو | ٣١ |
| ٤. | تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ ٻين ٻولين جي استعمال جو تحقيقي جائزو | نور محمد ڦرڙو | ٤٩ |


## English Section


| | | | |
|---|---|---|---|
| 5. | Understanding complexity of motivational orientations of female learners at the University of Sindh | Saima Murtaza Pandhiani | 09 |
| 6. | Local Perception of Cattle, about Nature, Seasons and their Relationship with Herdsmen | Dr. Muhabat Ali Shah | 27 |

گڏوگڏ معيار ۾ بہ واڌ ايندي آهي. ان ڪري مقالي نگارن کي منهنجي گذارش آهي تہ، پاڻ ئي پنهنجي مقالن کي بهتر، معياري ۽ تحقيق جي اصولن موجب لکي موڪلين، ٻي صورت ۾ ماهرن جي راءِ جو احترام ڪن تہ اسان لاءِ ۽ انهن لاءِ بهتر ٿيندو.

اُميد تہ مقالي نگارن جو سهڪار جاري رهندو.

١٢ جون، ٢٠٢٣ع

**پروفيسر ڊاڪٽر ناهيد پروين**

ايڊيٽر